# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 2005

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 2005

# سنڌ ڪپهه ضابطو (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE SINDH COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعه 13 جي ترميم

Amendment of Section 13 of W.P Ordinance No.XX of 1966

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 2005

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 2005

# سنڌ ڪپهہ ضابطو (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE SINDH COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

[20 مئي، 2005]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪپهہ ضابطو آرڊيننس، 1966 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ڪپهہ ضابطو آرڊيننس، 1966 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪپهہ ضابطو (ترميم)

**شروعات**
Short title and commencement

آرڊيننس، 2005 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

**1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر XX جي دفعہ 13 جي ترميم**
Amendment of Section 13 of W.P Ordinance No.XX of 1966

2. سنڌ ڪپهہ ضابطو آرڊيننس، 1966 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 13 ۾:

(i)شق (1) ۾، لفظ ”نشان“ جي لفظ ”گريڊ ۽ سٽيپل ڊيگهہ“ جي لفظن کي تبديل ڪيو ويندو؛ ۽

(ii) ذيلي دفعہ (3) ۾ ”هڪ مهينو“ جا لفظ ”ٽن مهينن“ ۽ ”پنجاهہ“ جي لفظن جي لاءِ، ”ڏهہ هزار“ جا لفظ گڏ تبديل ڪيا ويندا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**